# سنڌ ايڪٽ نمبر XXV مجريہ 1994

# SINDH ACT NO.XXV OF 1994

# سنڌ فرٽيلائيزر (ضابطو) ايڪٽ، 1994

# THE SINDH FERTILIZER (CONTROL) ACT, 1994

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definition

3. ڀاڻ ۽ ڀاڻ ٺاهڻ جي سامان وغيره جي وڪرو تي پابندي

Prohibition of sale etc of fertilizer and fertilizer material

4. پيڪيجز تي ليبل لڳائڻ

Labeling of packages

5. ضابطا ڪميٽي جي مقرري

Appointment of Control Committee

6. مرڪزي ڪميٽي جي جوڙجڪ

Constitution of the central committee

7. ليباريٽري

Laboratory

8. سرڪاري تجزيہ نگار

Government analyst

9. انسپيڪٽرز

Inspectors

10. نمونا

Samples

11. سرڪاري تجزيہ نگار جي رپورٽ

Report of Government Analyst

12. نجي درخواست تي ٽيسٽ

Test on private request

13. ڏوهہ ۽ ڏنڊ

Offences and penalties

14. ڪوڙي وارنٽي ۽ ان جي سزا

False warranty and its punishment

15. انسپيڪٽر جي اختيارن جي استعمال ۾ رنڊڪ

Hindrance; in the exercise of power by inspector

16. انسپيڪٽر جا اختيار

Powers of inspector

17. ملڪيت جي ضبطگي

Forfeiture of property

18. عدالت طرفان ٽرائل

Trial by the court

19. ڏوهن تي تڪڙي ڪارروائي جو اختيار

Power to try offences summarily

20. ضمانت

Indemnity

21. اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

22. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXV مجريه 1994

# SINDH ACT NO.XXV OF 1994

# سنڌ فرٽيلائيزر (ضابطو) ايڪٽ، 1994

# THE SINDH FERTILIZER (CONTROL) ACT, 1994

[4 آڪٽوبر 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڀاڻ ۽ ڀاڻ جي سامان جي وڪري ۽ استعمال ۽ ورهاست کي يقيني بڻايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڀاڻ ۽ ڀاڻ جي سامان جي وڪري، ورهاست ۽ استعمال کي يقيني بڻائڻ کي هن ريت منظم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ فرٽيلائيزر (ضابطو) ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definition

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(i) "ملاوٽ ڪيل" مطلب جڏهن ڀاڻ جي حوالي سان استعمال ڪيو وڃي ته ڀاڻ غذائي طاقت يا جنهن جي شفافيت ان جي ليبل تي ڄاڻايل بيهڪ يا بانور

ڪرايل معيار ڪان هيٺ هجي يا جنهن جي هيٺ اهو وڪرو ڪيو ويو آهي يا ڀاڻ جنهن مان ڪو ضروري جزا مڪمل طور يا عارضي طور تي ڪڍي ويو آهي؛

(ii) "اشتهار" مطلب ڪنهن اشتهار، سرڪيولر يا ڪنهن ٻئي نوٽيس سان، ڪنهن ميڊيا بشمول ريڊيو ۽ ٽيلي ويزن جي شايع ڪرڻ يا ورهائڻ؛

(iii) "ڪميٽي" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل فرٽيلائيزر ڪنٽرول ڪميٽي؛

(iv) "ڪنٽرولر" مطلب هن ايڪٽ تحت مقرر ڪيل ڪنٽرولر فرٽيلائيزر ۽ جنهن ۾ شامل آهي حڪومت طرفان ڪنٽرولر جا اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايل ڪو شخص؛

(v) "ڀاڻ" مطلب ڪو مادو يا مادن جو مرڪب جيڪو ٻوٽن جي واڌ ويجهه ڪي هٿي وٺرائڻ يا انهن جي پيدوار وڌائڻ يا زمين ڪي فصل وڌائڻ ۾ طاقت ڏيڻ لاءِ استعمال ٿيندو هجي؛

(vi) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(vii) "انسپيڪٽر" مطلب هن ايڪٽ تحت مقرر ڪيل انسپيڪٽر؛

(viii) "ليبل" مطلب هڪ لکت يا ان سلسلي ۾ ڪنٽينر تي لکت، چيپيل يا خاڪو لڳل يا ڀاڻ جي ڪنٽينر جي ٻاهران يا ريٽيل پيڪيج جي ريپر تي، جيڪڏهن ڪو هجي؛

(ix) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(x) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

## باب –II

## پاڻ جو وڪرو ورهاست ۽ استعمال

3. ڪو بہ شخص سواءِ هن ايڪٽ جي قاعدن موجب استعمال ڪرڻ جي.پاڻ يا پاڻ جو سامان وڪرو آڇي، وڪري لاءِ رکي، وڪري لاءِ ذخيرو ڪري، اشتهار ڪري يا استعمال ڪري نہ سگھندو.

پاڻ ۽ پاڻ جي سامان وغيره جي وڪرو تي پابندي
Prohibition of sale etc of fertilizer and fertilizer material

4. ڪو بہ شخص ڪو پاڻ يا پاڻ جو سامان تيستائين وڪرو، آڇي، وڪري لاءِ رکي، وڪري لاءِ ذخيرو رکي يا اشتهار ڪري نٿو سگھي جيستائين پاڻ يا پاڻ جي سامان جي هر پئڪيج تي هڪ ٽيگ يا ليبل ان سلسلي ۾ نہ لڳايو ويندو. جيڪو اهڙي طريقي پرنٽ ڪيو ويو هجي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

پيڪيجز تي ليبل لڳائڻ
Labeling of packages

## باب –III

## فرٽيلائيزر ڪنٽرول ڪميٽي

5. هن ايڪٽ جي نافذ ٿيڻ کانپوءِ جيترو جلد ٿي سگھي حڪومت هڪ ڪميٽي مقرر ڪندي، جنهن کي فرٽيلائيزر ڪنٽرول ڪميٽي سڏيو ويندو. جيڪا هن ايڪٽ جي انتظامن جي حوالي سان سمورن مسئلن بابت حڪومت کي مشورو ڏيندي ۽ هن ايڪٽ تحت سونپيل سمورا ٻيا ڪم ڪندي.

ضابطا ڪميٽي جي مقرري
Appointment of Control Committee

6. (1) ڪميٽي ڪنٽرولر جيڪو چيئرمين هوندو ۽ ٻيا

مرڪزي ڪميٽي جي

| | |
|---|---|
| ميمبرز تي مشتمل هوندي جنهن ۾ شامل هوندا ڊائريڪٽر آف سنڌ ايگريڪلچرل سپلائيز آرگنائيزيشن، جيڪو سيڪريٽري ۽ ڊائريڪٽر جنرل ايگريڪلچر (ريسرچ) طور ٻه خدمتون سرانجام ڏيندو ۽ فرٽيلائيزر بزنس جي واپار ۽ صنعت جي نمائندگي ڪندڙ ماڻهو ۽ هاري جيئن حڪومت طرفان مقرر ڪيا وڃن.<br>(2) ڪميٽي جي چيئرمين ۽ ميمبرن جا نالا سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪيا ويندا.<br>(3) ڪميٽي جا غير سرڪاري ميمبر حڪومت جي خوشي سان ٽن سالن لاءِ عهدو رکي سگهندا ۽ ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندا.<br>(4) ڪميٽي جو غير سرڪاري ميمبر، ڪنهن به وقت پنهنجي عهدي تان ڪنٽرولر جي نالي تي هٿ لکت سان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو پر ان ميمبر جي سيٽ تيستائين خالي نه سمجهي ويندي، جيستائين ڪنٽرولر طرفان حڪومت جي اڳواٽ منظوري سان استعيفيٰ قبول نه ڪئي وڃي.<br>(5) استعيفيٰ، برطرفي يا ميمبر جي فوتگي ذريعي خالي ٿيل آسامي تي ٻيو مقرر ڪيل شخص، رهيل مدي لاءِ عهدو رکي سگهندو.<br>(6) ڪنهن ميمبر شپ جي آسامي خالي هئڻ جي صورت ۾ به ڪميٽي جا ڪم جاري رکيا ويندا.<br>(7) ڪميٽي خاص معاملن تي غور لاءِ ماهرن تي مشتمل ذيلي ڪميٽي مقرر ڪري سگهي ٿي، اهڙي | **جوڙجڪ**<br>Constitution of the central committee |

عرصي لاءِ، جيڪو ٽن سالن کان وڌيڪ نہ هوندو، جيئن اها ضروري سمجهي؛

(8) ڪميٽي کي ان جو ڪم ڪار هلائڻ ۽ ان لاءِ طريقيڪار جوڙڻ جو اختيار هوندو.

ليبارٽري
Laboratory

7. (1) هن ايڪٽ جي نافذ ٿيڻ کانپوءِ جيترو جلد ٿي سگهي، حڪومت هڪ فرٽيلائيزر ٽيسٽنگ ليبارٽري قائم ڪندي، جيڪا هن ايڪٽ تحت ۽ ان کي سونپيل ڪم سرانجام ڏيندي.

(2) ليبارٽري جا ڪم ۽ ان جي تجزين يا ٽيسٽ جا نمونا موڪلڻ جو طريقو اهڙو هوندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

سرڪاري تجزيہ نگار
Government analyst

8. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، اهڙا ماڻهو مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن مناسب سمجهي، جن وٽ بيان ڪيل تعليمي قابليتون هجن، جيڪي ياڻ يا ياڻ جي مواد لاءِ سرڪاري تجزيہ نگار ٿيندا ۽ جتي هڪ کان وڌيڪ ماڻهو سرڪاري تجزيہ نگار طور مقرر ڪيا ويا هوندا، مقامي حدون، جن ۾ انهن منجهان ڪو هڪ سرڪاري تجزيہ نگار طور خدمتون سرانجام ڏيندو، ان بابت نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايو ويندو.

انسپيڪٽرز
Inspectors

9. (1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، اهڙا ماڻهو مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي، اهڙي تعليمي قابليت سان جيئن هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ بيان ڪيو ويو هجي، اهڙين مقامي حدن ۾ جيئن نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو

هجي.

(2) هڪ انسپيڪٽر، جن مقامي حدن لاءِ اهو مقرر ڪيو ويو آهي، انهن ۾ داخل ٿي سگهي ٿو ۽ ان احاطي ۾ جنهن ۾ ياڻ يا ياڻ جو مواد رکيو ويو آهي يا جمع ڪيو ويو اهي، پوءِ اهو ٿيلهي ۾ هجي يا گهٽي مقدار ۾ هجي يا ڪنهن ٻي پيڪنگ يا ڪنٽينر ۾ هجي، مالڪ جي طرفان لکيو ويو هجي، بشمول اهڙي احاطي جي جنهن ۾ شامل آهي ريلويز، شپنگ ڪمپني يا ڪو ٻيو ڪيريئر ۽ اتان جاچ لاءِ نمونا کڻي سگهي ٿو.

(3) نموني طور ڪنيل معقول مقدار لاءِ ڪو معاوضو ادا نہ ڪيو ويندو.

10. (1) جتي انسپيڪٽر ٽيسٽ يا تجزئي جي مقصد لاءِ ياڻ يا ياڻ جي سامان جا نمونا کڻي ٿو، اهو جاڻايل طريقي موجب جنهن شخص جي قبضي مان اهي نمونا کڻي ٿو ان کي لکت ۾ اهڙي مقصد کان آگاهہ ڪندو. | نمونا Samples

(2) انسپيڪٽر اهڙيءَ ريت ڪنيل نمونن مان هڪ حصو لاڳاپيل ماڻهن، ٻيو حصو سرڪاري تجزيہ نگار لاءِ ٽيسٽ ۽ تجزئي لاءِ اماڻيندو تہ ڇا اهو ملاوٽ ڪيل آهي يا نہ ۽ ٽيون حصو ڪنٽرولر ڏانهن اماڻيندو.

11. (1) سرڪاري تجزيہ نگار جنهن ڏانهن انسپيڪٽر طرفان ڪنهن ياڻ يا ياڻ جي سامان جو ڪو نمونو اماڻيو ويو آهي، جاڻايل طريقيڪار موجب انسپيڪٽر کي ان جو ٽيون حصو سندس طرفان | سرڪاري تجزيہ نگار جي رپورٽ Report of Government

Analyst

ڪيل ٽيسٽ ۽ تجزيي جي نتيجي جي تصديق ٿيل رپورٽ سان گڏ اماڻيندو.

(2) انسپيڪٽر رپورٽ جي هڪ نقل لاڳاپيل ماڻهو ڏانهن ۽ ٻي نقل ڪنٽرولر ڏانهن اماڻيندو.

(3) جيڪو سرڪاري تجزيہ نگار طرفان صحيح ڪيل اهڙو دستاويز هوندو، جيڪو هن طرفان ڪيل ٽيسٽ يا تجزيو هوندو اها ان ۾ بيان ڪيل تفصيل جي جوڳي شاهدي هوندو ان ٽيسٽ يا تجزيي سان لاڳاپيل شخص ان ساه سهمت نہ هجي تہ ڪيس رپورٽ ملڻ جي ٽيهن ڏينهن دوران، ڪنٽرولر جي سامهون اهڙي شاهدي رکي سگهي ٿو جيڪا اهڙي ٽيسٽ يا تجزيي جي درست هئڻ جي متضاد هجي.

(4) جتي ڪٽرولر سامهون ذيلي دفعہ (3) تحت پيش ڪيل شاهدي سندس خيال ۾، وڌيڪ جاچ جي طالب آهي تہ ان ساڳئي نموني جو ٻيو حصو بي ليباريٽري ڏانهن تجزيي لاءِ اماڻي سگهي ٿو جيڪا ان جي تجزيي جو نتيجو سرٽيفڪيٽ جي صورت ۾ ڪيندي ۽ ساڳيو ڪنٽرولر ڏانهن اماڻيندي.

(5) اهڙو سرٽيفڪيٽ جامع هوندو، جيئن اهو مناسب هجي.

(6) حڪومت پاڻ يا پاڻ جي سامان جي سرڪاري تجزيہ نگار يا ليباريٽري طرفان ڪرايل ٽيسٽ يا تجزيي جي رپورٽ ان سلسلي ۾ لاڳاپيل اهڙي معلومات سان گڏ، جيڪڏهن ڪا هجي، ايئن شايع ڪري سگهي ٿي، جيئن اها ضروري سمجهي.

نجي درخواست تي ٽيسٽ
Test on private request

12. (1) ڪو شخص جنهن ٻارڻ يا ٻارڻ جو سامان خريد ڪيو آهي اهو ان ٻارڻ يا ٻارڻ جي سامان جي ملاوٽ ڪيل هجڻ بابت سرڪاري تجزيہ نگار کان ٽيسٽ يا تجزيو ڪرائي سگهي ٿو.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت هڪ درخواست اهڙي چارڻ يا اهڙي في سان گڏ اهڙي طريقي ڪئي ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) سرڪاري تجزيہ نگار، جنهن کي ذيلي دفعہ (2) تحت ڪا درخواست ڪئي وئي آهي، اهو اهڙي ٽيسٽ ۽ تجزيو ڪندو ۽ ڪنٽرولر کي آگاهي سان، ٽيسٽ ۽ تجزيي جي صحيح ڪيل رپورٽ درخواست گذار کي جاري ڪندو.

## باب ـ IV
## متفرقات

ڏوهہ ۽ ڏنڊ
Offences and penalties

13. ڪو شخص جيڪو:

(a) ٻارڻ يا ٻارڻ جو سامان وڪرو ڪري ٿو وڪري لاءِ آڇي ٿو يا رکي ٿو وڪري لاءِ ذخيرو ڪري ٿو يا اشتهار ڪري ٿو جيڪو ان قسم جي مواد يا معيار يا اثر جو ناهي، جيئن اهو پيڪيج تي نشان ذريعي پيش ڪيو ويو آهي يا جيئن معاملو هجي، جيئن ان تي ٽيگ يا ليبل لڳل هجي، يا اهو ٻي صورت ۾ ملاوٽ ڪيل آهي؛ يا

(b) ڪنهن اشتهار يا ڪنهن ٻئي طريقي ٻارڻ يا ٻارڻ جو مواد ڪوڙي طريقي پيش ڪري ٿو جيڪو صارف کي اهو اعتبار ڪرائي ٿو تہ اهڙو ٻارڻ يا ٻارڻ

جو مواد ڪارائتو ۽ هتي ونرائڻ لاءِ اثرائتو آهي؛ يا

(c) جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو يا قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو جنهن جو هن ايڪٽ ۾ ڪو ڏنڊ ناهي مهيا ڪيو ويو، اهو پهرين ڏوهه لاءِ سزا لائق هوندو، ڏنڊ سان گڏ جيڪا ڏهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿي ۽ هر هڪ ترتيبوار ڏوهه لاءِ ويهه هزار رپين ڪان گهٽ نه يا پنجاهه هزار رپين ڪان وڌيڪ نه هوندي ۽ اهڙي ڪنهن ڏنڊ جي ادائگي نه ڪرڻ جي صورت ۾ قيد جي سزا جيڪا ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿي.

**ڪوڙي وارنٽي ۽ ان جي سزا**
**False warranty and its punishment**

14. (1) جيڪو ياڻ يا ياڻ جي سامان جي ڪوڙي وارنٽي ڏئي ٿو ته اهو سمورن معاملن تي اثرائتو آهي ته هن ايڪٽ ۾ قاعدن موجب جيستائين اهو ثابت نه ڪري ته هن ڪڏهن وارنٽي ڏني، ان وٽ اعتبار ڪرڻ جو سٺو سبب آهي ته اهو درست آهي، ٻي صورت ۾ ڏنڊ سان سزا جوڳو هوندو جيڪو ڏهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا هڪ مهيني لاءِ سادي قيد جي سزا.

**انسپيڪٽر جي اختيارن جي استعمال ۾ رنڊڪ**
**Hindrance; in the exercise of power by inspector**

15. ڪو شخص جيڪو:

(a) انسپيڪٽر کي هن ايڪٽ تحت مليل اختيارن استعمال ڪرڻ ۾ رنڊڪ وجهي يا ڪنهن انسپيڪٽر جي قانوني اختياري کي ميڄڻ کان انڪار ڪري؛

(b) غير قانوني طور تي هڪ ياڻ يا ياڻ جي سامان جي

ٻيو ڪو مادو ملائڻ سان ٻيهڪ بگاڙي ان ڪانپوءِ
ڄاڻايل پاڻ يا پاڻ جو مواد اهڙي وڪرو ڪندڙ
طرفان مارڪيٽ ۾ رکيو ويجي؛
ڏنڊ جي سزا جوڳو هوندو جيڪا ڏهه هزار رپين کان گهٽ نه
هوندي يا پنجاهه هزار رپين کان وڌيڪ يا قيد جي سزا
جيڪا ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿي، يا ٻئي گڏ.

انسپيڪٽر جا اختيار
Powers of inspector

16. (1) جيڪڏهن ڪو انسپيڪٽر سمجهي ٿو ته
هن ايڪٽ ۽ قاعدن موجب سزا جوڳو ڏوهه ٿيو آهي،
ٿي رهيو آهي يا ڪنهن به وقت يا هنڌ تي ٿيڻ وارو
آهي ته، اهو داخل ٿي سگهي ٿو ۽ اهڙي هنڌ جي جاچ
ڪري سگهي ٿو ۽ ان جڳهه تان مليل اهڙي ڪنهن
پاڻ، يا پاڻ جي سامان، شين يا ڏوهه سان لاڳاپيل شين
کي ضبط ڪري سگهي ٿو.
(2) ڪو پاڻ يا پاڻ جو سامان يا ڪا شئي جيڪا
ذيلي دفعه (1) تحت ضبط ڪئي وئي آهي ان کي
عدالت، جنهن جي سامهون هن ايڪٽ يا قاعدن جي
گنجائشن جي ڪنهن ڀڃڪڙي جو ڪيس ڪيو ويو
آهي، ان جي فيصلي موجب حل ڪيو ويندو.

ملڪيت جي ضبطگي
Forfeiture of property

17. جيڪڏهن ڪو شخص هن ايڪٽ موجب
ڪنهن سزا جوڳي ڏوهه ۾ ملوث ڏٺو ويو هجي ڪنهن
پاڻ يا پاڻ جي سامان يا شئي جي سلسلي ۾ ته عدالت
جوابدار کي سزا ڏيندي وڌيڪ هدايت ڪري سگهي
ٿي ته پاڻ يا پاڻ جو سامان، يا شيون حڪومت جي
حق ۾ ضبط ڪيون وڃن.

عدالت طرفان ٽرائل

18. (1) مئجسٽريٽ آف فرسٽ ڪلاس کان

| | |
|---|---|
| هيٺين درجي جي ڪا بہ عدالت هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهہ تي ڪارروائي نہ ڪري سگهندي. | Trial by the court |
| (2) جيستائي ڪجھ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 جي دفعہ 32 جي متضاد نہ هجي، فرسٽ ڪلاس جي ڪنهن مئجسٽريٽ لاءِ اهو قانوني اختيار هوندو تہ اهو هن ايڪٽ تحت سزا ڏئي، جيتوڻيڪ اهڙي سزا ڇاڻايل دفعہ تحت هن جي اختيار ٻاهر بہ هجي. | |
| 19. ڪو فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ يا ڪا مئجسٽريٽ جي بئنچ جنهن کي وقتي طور فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جا اختيار ڏنا ويا هجن تہ جيئن اها ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 جي دفعہ 260 جي ذيلي دفعہ (1) موجب ڇاڻايل ڏوهہ تي ڪارروائي ڪري، ان سلسلي ۾ پراسيڪيوشن طرفان درخواست تي، ان ڪوڊ جي دفعہ 262 کان 265 تائين جي گنجائشن موجب، هن ايڪٽ جي دفعہ 16 تحت سزا لائق ڏوهہ تي ڪارروائي ڪري سگهي ٿي. | ڏوهن تي تڪڙي ڪارروائي جو اختيار<br>Power to try offences summarily |
| 20. هن ايڪٽ ۽ قاعدن موجب سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجھ ڪرڻ جي ارادي تي ڪو ڪيس، پراسيڪيوشن يا ڪا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي. | ضمانت<br>Indemnity |
| 21. حڪومت، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، اهڙين شرطن موجب انهن منجهان سمورا يا ڪي بہ اختيار، جيڪڏهن ڪي هجن، جيئن هدايت | اختيارن جي منتقلي<br>Delegation of powers |

۾ ڄاڻايو ويو هجي، عملدار يا ان جي ماتحت اختياري طرفان استعمال ڪيا ويندا.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

22. (1) حڪومت، ڪميٽي سان مشاورت سان ۽ سرڪاري گزيٽ ۾ اڳواٽ شايع ڪرڻ ڪانپوءِ، هن ايڪٽ کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2) خاص طور تي ۽ اڳواٽ مليل اختيارن جي عام حيثيت سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ ڪانسواءِ، اهڙا قاعدا سمورن يا هيٺين معاملن مان ڪن لاءِ مهيا ڪن ٿا، يعني:

(a) پاڻ ۽ پاڻ جي سامان جي وڪري، ورهاست، ذخيري، اشتهار يا معيار جا شرطون ۽ ضابطا؛

(b) ٽيلهن يا ليبل يا ٽيلهن تي نشان ۽ پاڻ ۽ پاڻ جي سامان جي پيڪيجز جي ٻولي ۽ اکر ۽ اهڙين ٽيگس، ليبلس، ڪنٽينرس، بيگس ۽ پيڪيجز جي ڇپائي جو هنڌ؛

(c) سرڪاري تجزيہ نگارن ۽ ليباريٽري جا ڪم ۽ انهن طرفان ڪارروائي جو طريقيڪار اهڙن ڪمن جي ادائگي جي سلسلي ۾، جنهن ۾ شامل آهي:

(i) ٽيسٽ ۽ تجزيي لاءِ پاڻ يا پاڻ جي سامان جا نمونا جمع ڪرڻ؛ ۽

(ii) طريقيڪار جنهن ۾ ٽيسٽن يا تجزين جون رپورٽون لکيون وينديون؛

(d) تجزين ۽ ٽيسٽ جي طريقن جو تعين جن تي عمل ڪيو ويندو ۽ نمونن جي گنجائش جي اجازت پيڪيجز تي معلومات جو نشان ڪيل هجي،

جيئن ان سان ليبل لڳايل هجي يا گهٽي مقدار ۾ خريد ڪندڙ کي فراهمي ڪئي وڃي ۽ تجزين ۽ ٽيسٽن جا نتيجا؛

(e) سرڪاري تجزيہ نگارن ۽ انسپيڪٽر جي تعليمي قابليت ۽ ذميواريون؛

(f) انسپيڪٽر طرفان نمونو کڻڻ جي مقصد جي آگاهي ان شخص کي ڏيڻ جو طريقو جنهن وٽان اهڙو نمونو کنيو ويو آهي، اوزار جيڪي استعمال ڪيا ويندا، ۽ مقدار جيڪو تجزيي يا ٽيسٽ لاءِ انسپيڪٽر طرفان نموني طور کنيو ويندو ۽ طريقيڪار جنهن تحت اهي محفوظ ٽيڻ گهرجن ۽ ڪنٽرولر ۽ سرڪاري تجزيہ نگار ڏانهن اماڻيا ويندا.

(g) طريقيڪار جنهن تحت ڀاڻ ۽ ڀاڻ جو سامان خريد ڪندڙ طرفان ٽيسٽ يا تجزيي لاءِ درخواست ڪئي ويندي يا طريقيڪار جنهن موجب خريد ڪندڙ ڀاڻ يا ڀاڻ جو سامان تجزيي يا ٽيسٽ لاءِ ڪنٽرولر ڏانهن اماڻيندو، معلومات جيڪا اهڙي درخواست سان گڏ اماڻي ويندي ۽ في جيڪا ان سان گڏ هوندي؛

(h) ڀاڻ ۽ ڀاڻ جي سامان جي ذخيري کي محفوظ ڪرڻ جون گهرجون.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**